

سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

# مسلمانن کي سلام ڪرڻ

2 اپريل 2026

# سکڻ ۽ سيکارڻ جي حلقن جو جدول

**(1):** مختلف موضوعن تي مختصر بيان: **5** منٽ **(2):** دُعا ياد ڪرڻ: **5** منٽ

**(3):** فکرِ مدينہ: **5** منٽ ڪُل وقت: **15** منٽ

اڄ جي سکڻ ۽ سيکارڻ وارن حلقن ۾ 72 نيڪ اعمال مان هڪ عمل **مُسلمانن کي سلام ڪرڻ** جي باري ۾ مفيد معلومات فراهم ڪئي ويندي ۽ **ڪنهن کي مرڪندو ڏسي ڪري پڙهڻ جي دعا** ياد ڪرائي ويندي. آخر ۾ **نيڪ اعمال** جي رسالي مان اجتماعي جائزو پڻ ورتو ويندو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم!

# مسلمانن کي سلام ڪرڻ

## دُرُود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: توهان پنهنجي محفلن کي مون تي درود پڙهي سينگاريو، بيشڪ توهان جو مون تي درود پڙهڻ قيامت جي ڏينهن توهان لاءِ نور هوندو. (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ اعمال نمبر 30

**پيارا اسلامي ڀائرو!** الله پاڪ جي فضل سان اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه اسلامي ڀينرن، اسلامي ڀائرن ۽ شاگردن وغيره لاءِ نيڪ عملن جا مختلف رسالا عطا فرمايا آهن تہ جيئن اسان انهن سوالن جي ذريعي پنهنجو جائزو وٺي گناهن کان بچڻ سان گڏوگڏ وڌ کان وڌ نيڪيون ڪري سگهون. اڄ اسان 72 نيڪ عملن

1… مسند الفردوس ، جلد:2، صفحہ:291،حديث:3330۔

جي رسالي مان نيڪ عمل نمبر 30 جي باري ۾ سڪنداسين.

ڇا اڄ توهان گهر، آفيس، بس، ريل گاڏي وغيره ۾ اچڻ وڃڻ دوران ۽ گهٽين مان گذرندي، رستي تي بيٺل يا ويٺل مسلمانن کي سلام ڪيو؟

## آيتِ مبارڪ

الله پاڪ فرمايو:

فَاِذَا دَخَلْتُمْ بُیُوْتًا فَسَلِّمُوْا عَلٰۤى اَنْفُسِكُمْ تَحِیَّةً مِّنْ عِنْدِ اللّٰهِ مُبٰرَكَةً طَیِّبَةًؕ

ترجموڪنزالعرفان: پوءِ جڏهن گهرن ۾ داخل ٿيو تہ پنهنجن ماڻهن کي سلام ڪيو، (اها) ملڻ وقت جي سٺي دعا آهي، الله جي طرفان مبارڪ ۽ پاڪيزه (ڪلمو) آهي.(پ18،النور: 61)

هن آيتِ سڳوريءَ ۾ ملاقات ڪرڻ جو ادب بيان ڪيو ويو آهي تہ جڏهن بہ ڪنهن مٽ مائٽ يا دوست جي گهر وڃو يا ان سان ملاقات ٿئي تہ سلام ۾ پهل ڪريو. [1]

## فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

توهان ان وقت تائين جنت ۾ نہ ويندا، جيستائين ايمان نہ آڻيو ۽ توهان ان وقت تائين (ڪامل) مؤمن نہ ٿا ٿي سگهو جيستائين پاڻ ۾ محبت نہ ڪيو! ڇا مان توهان کي اهڙي شيءِ نہ ٻڌايان جنهن سان توهان پاڻ ۾ محبت ڪرڻ لڳندؤ؟ (اها هيءَ آهي تہ) پاڻ ۾ سلام کي عام ڪريو.[2]

## سلام ۽ اُن جي جواب جي متعلق مختلف احڪام

1... تفسير آلوسى ،پاره:18،سورۂ نور ،تحت الآية:61،جلد:9،حصہ:18،صفحہ:559،بتغير قليل

2. مسلم ،كتاب الايمان ،باب بان انہ لايدخل الجنة المؤمنون ۔۔۔الخ ،صفحہ:44،حديث :54

(1) سلام ڪرڻ سنت ۽ ان جو جواب فوراً ڏيڻ واجب آهي[1]. (2) سلام جو جواب ايتري آواز سان ڏيڻ ضروري آهي جو سلام ڪرڻ وارو ٻڌي وني، رڳو هٿ يا مٿو لوڏڻ ڪافي ناهي[2]. (3) سلام ۽ سلام جي جواب جا بهترين لفظ هي آهن: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ انهن لفظن کان علاوه وڌيڪ لفظ وڌائڻ، جيئن ڪجھ ماڻهو اَلْجَنَّةُ حَلَالُهٗ وَالدَّوْزَخُ حَرَامُهٗ وغيره لفظن جو اضافو ڪندا آهن، اهو درست ناهي[3]. (4) رڳو آڱرين يا تريءَ سان اشارو ڪرڻ ۽ زبان سان ڪجھ نہ چوڻ منع آهي.[4] حديث پاڪ ۾ ان کي غير مسلمن جو طريقو ٻڌايو ويو آهي[5]. (5) سلام ڪرڻ جي بجاءِ هيلو، هاءِ، بندگي، آداب عرض وغيره لفظ چوڻ سنت جي خلاف آهي[6]. (6) ڪجھ ماڻهو سلام ڪرڻ وقت جهڪي پوندا آهن، اهو جهڪڻ جيڪڏهن رڪوع جي حد تائين هجي (يعني ايترو جهڪڻ جو هٿ وڌائي تہ گوڏن تائين پهچي وڃن تہ اهو حرام آهي ۽ ان کان گهٽ هجي تہ مڪروه آهي.[7]

## سلام ڪرڻ جا فائدا

۞ سلام ڪرڻ سان پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت تي عمل تيندو آهي. ۞سلام ڪرڻ سان نيڪين ۾ اضافو تيندو آهي. ۞سلام ۾ پهل ڪرڻ الله پاڪ ۽ ان جي رسول جي قرب جو ذريعو آهي.[8] ۞سلام ڪرڻ سان دل مان بغض ۽ حسد نڪرندو آهي ۽ محبتن ۾ اضافو تيندو آهي. ۞سلام ۾ پهل ڪرڻ سان تڪبر دور تيندو آهي ۽ عاجزي پيدا تيندي آهي[9]. ۞ گهر ۾ داخل تيڻ

---

1 بہار شریعت ،جلد:3،حصہ:16،صفحہ:459 ـ 460،ملتقطًا۔
2 بہار شریعت ،جلد:3،حصہ:16،صفحہ: 464،ملتقطًا۔
3 فتاوی ہندیہ ،کتاب الکراهیة ،باب سابع فی السلام وتشمیت العاطس ،جلد:5،صفحہ:401۔
4 مرآۃ المناجیح ،جلد:6،صفحہ:328،بتغیر قلیل ۔
5 سنن ترمذی ،کتاب الستئذان والآداب،باب ماجاء فی کراهیة اشارة۔۔۔الخ،صفحہ:634،حدیث:2695۔
6 بہار شریعت ،جلد:3،حصہ:16،صفحہ:465 ،ملخصًا۔
7 بہار شریعت ،جلد:3،حصہ:16،صفحہ:464
8 سنن ابی داود ،کتاب الادب ،باب فی فضل من بدا بالسلام ،صفحہ:810،حدیث:5197۔
9 شعب الایمان ،باب فی مقاربہ وموادۃ اهل الدین ،جلد:6،صفحہ:433،حدیث :8786۔

وقت سلام ڪرڻ سان برڪتون نازل ٿينديون آهن.[1]

## سلام نہ ڪرڻ جا نقصان

۞ سلام نہ ڪرڻ تمام وڏي اجر ۽ ثواب کان محرومي آهي. ۞ روايتن ۾ سلام نہ ڪرڻ واري کي سڀ کان وڏو بخيل (ڪنجوس) چيو ويو آهي.[2] ۞ سلام نہ ڪرڻ تڪبر ۽ غرور جي نشاني آهي.

## سلام ڪرڻ جي عادت بڻائڻ جي لاءِ

۞ سلام ڪرڻ جي فضيلتن ۽ فائدن کي پيشِ نظر رکو. ۞ دل ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون سنتون اپنائڻ جو جذبو پيدا ڪريو. ۞ رستي ۾ ايندي ويندي جيڪو بہ ملي ان کي سلام ڪريو! آهستي آهستي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! عادت پڪي ٿي ويندي. ۞ ملاقات ڪرڻ جي آدابن جو لحاظ رکو! ملاقات جي آدابن مان آهي تہ پهريان سلام ڪيو وڃي، اهڙي طرح جڏهن بہ ڪنهن سان گفتگو (ڳالهہ ٻولهہ) ٿئي تہ پهريان سلام ڪريو! حديث پاڪ ۾ آهي: اَلسَّلَامُ قَبْلَ الْكَلَامِ يعني ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ کان پهريان سلام آهي.[3]

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ اسان نيڪ عمل نمبر: 30 جي مطابق مسلمانن کي سلام ڪرڻ جي عنوان تي مفيد ترين معلومات حاصل ڪئي، نيت ڪريو گهر، دفتر، سفر ۽ رستي ۾ ايندي ويندي جيڪو بہ مسلمان ملي اُن کي سلام ڪنداسين. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

الله پاڪ عمل جي توفيق نصيب فرمائي. آمين بجاهِ خاتم النبيّن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] سنن ترمذی ،کتاب الستئذان والآداب،باب ماجاء فیالتسلیم اذا دخل۔۔۔الخ،صفحہ:635،حدیث:2698۔

2 الادب المفرد ،باب من بخل بالسلام ،صفحہ:306،حدیث:1042۔

3 سنن ترمذی ،کتاب الستئذان والآداب،باب ماجاء فی فی السلام قبل الکلام ،صفحہ:634،حدیث:2699۔

# سکڻ سيکارڻ جي حلقن ۾ ياد ڪرائڻ واري دعا

## ڪنهن کي مُرڪندو ڏسي پڙهڻ جي دعا

اَضْحَكَ اللّٰهُ سِنَّكَ

**ترجمو:** الله پاڪ اوهان کي هميشہ مُرڪندو رکي.[1]

## اجتماعي جائزي جو طريقو (72 نيڪ اعمال)

### روزانو 56 نيڪ اعمال:

**(1):** سنيون سنيون نيتون ڪيون؟ **(2):** پنج ئي نمازون باجماعت ادا ڪيون؟ **(3):** هر نماز کان پهريان نماز جي دعوت ڏني؟ **(4):** رات جو سُوْرَةُ الْمُلْك پڙهي يا ٻڌي ورتي؟ **(5):** هر نماز کان پوءِ آيت الڪرسي، تسبيح فاطمہ ۽ سُوْرَةُ الْاِخلاص پڙهي؟ **(6):** ڪنز الايمان مان 3 آيتون يا صِراطُ الجنان مان 2 صفحا ترجمي ۽ تفسير سان پڙهيا يا ٻڌا؟ **(7):** شجري جا اوراد پڙهيا؟ **(8):** 313 ڀيرا دُرُود شريف پڙهيو؟ **(9):** اڪيلن ڪي گناهن کان بچايو؟ **(10):** ڪٿن ڪي گناهن کان بچايو؟ **(11):** فضول نظري کان بچندي نگاهون جهڪائي رکيون؟ **(12):** 12 منٽ مڪتبة المدينہ جو اصلاحي ڪتاب پڙهيو؟ **(13):** اذان ۽ اقامت جو جواب ڏنو؟ **(14):** غصي جو علاج ڪيو؟ **(15):** پنهنجو جائزو ورتو؟ **(16):** پنهنجي نگران جي اطاعت ڪئي؟ **(17):** ”توهان“ ۽ ”جي“ چئي ڳالهايو؟ **(18):** مدرسة المدينہ بالغان ۾ پڙهيو يا پڙهايو؟ **(19):** عشاء جي جماعت کان پوءِ ٻن ڪلاڪن جي اندر گهر پهچي ويا؟ **(20):** 2 ڪلاڪ ديني ڪمن تي خرچ ڪيا؟ **(21):** فجر جي لاءِ جاڳايو؟ **(22):** ٻين

1... بخاري،ڪتاب بدء الخلق ،باب صفة ابليس وجنوده،صفحہ:840،حديث :3294۔

جي گهرن ۾ جهاتي پائڻ کان بچيا؟ **(23):** گهر ۾ درس ڏنو؟ **(24):** مسجد ۾ درس ڏنو يا ٻڌو؟ **(25):** سُنت جي مطابق لباس پهريو؟**(26):** زلفون رکڻ جي سنت تي عمل ڪيو؟ **(27):** هڪ مٺ ڏاڙهي آهي؟ **(28):** گناھ ٿيڻ جي صورت ۾ فوري طور توبهه ڪئي؟ **(29):** سُنّت جي مطابق ڪاڏو ڪاڏو؟ **(30):** مسلمانن کي سلام ڪيو؟ **(31):** سنتّن تي ڪجهه نه ڪجهه عمل ڪيو؟ **(32):** ظهر جون چار قَبليه سنتون فرض کان پهريان ادا ڪيون؟ **(33):** تهجد يا صلوٰۃالّليل ادا ڪئي؟ **(34):** اوّابين يا اشراق ۽ چاشت جون نمازون پڙهيون؟ **(35):** عصر يا عشاء جون سنتِ قبليه پڙهيون؟ **(36):** 12 ديني ڪمن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ديني ڪم جي ترغيب ڏياري؟ **(37):** پين کان گهري ڪري شيون استعمال ته نه ڪيون؟ **(38):** ڪوڙ ڳالهائڻ، غيبت ۽ چُغلي کان بچيؤ؟ **(39):** ڪجهه نه ڪجهه وقت"مدني چينل" ڏٺو؟ **(40):** ذاتي دوستي ته نه ڪئي؟ **(41):**وقت تي قرض ادا ڪيو؟ **(42):** عاجزي جا اهڙا لفظ ته نه ڳالهايا جن جي تائيد دل نه ڪندي هجي؟ **(43):** صفائي ۽ سليقي جو خيال رکيو؟ **(44):** مسلمانن جي عيبن جي پرده پوشي ڪئي؟ **(45):** فجر کان پوءِ تفسير ٻڌڻ يا ٻڌائڻ جي حلقي ۾شرڪت ڪئي؟ **(46):** ڪجهه نه ڪجهه جائز ڪمن کان پهريان بسم الله پڙهي؟ **(47):** چوڪ درس ڏنو، يا ٻڌو؟ **(48):** پنهنجي والدين ۽ پير و مرشد کي ايصالِ ثواب ڪيو؟ **(49):** اسراف کان بچيؤ؟ **(50):** ٽريفڪ جي قانونن جي پابندي ڪئي؟ **(51):** تنظيمي طريقيڪار جي مطابق مسئلو حل ڪيو؟ **(52):** زبان جي گناهن کان بچيا؟ **(53):** فضول ڳالهين کان بچيا؟ **(54):** مذاق، مسخري، طنز، دل آزاري ۽ ٺهڪ ڏئي کِلڻ کان بچيا؟ **(55):** عمامو شريف ٻَڌو؟ **(56):** ماءُ پيءُ جو ادب

ڪيو؟

## قُفلِ مدينہ ڪارڪردگي

لکي ڪري گفتگو 12 پيرا ۞ اشاري سان گفتگو 12 پيرا ۞ نگاھون ملائڻ جي بغير گفتگو 12 پيرا.

## ھفتيوار 9 نيڪ اعمال

(57): اسلامي ڀينرن جي ھفتيوار اجتماع ۾ ڪنھن نہ ڪنھن اسلامي ڀيڻ کي گھر مان موڪليو؟ (58): ھفتيوار مدني مذاڪرو ڏٺو يا ٻڌو؟ (59): ھفتيوار اجتماع ۾ اوّل کان آخر تائين شرڪت ڪئي؟ (60): يومِ تعطيلِ اعتڪاف ڪيو؟ (61): مريض يا ڏکايل جي عيادت يا غمخواري ۽ ڪنھن جي انتقال تي تعزيت ڪئي؟ (62): ھفتي ۾ ڪنھن بہ ڏينھن روزو رکيو؟ (63): ھفتيوار رسالو پڙھيو يا ٻڌو؟ (64): علائقائي دورو ڪيو (65): پھريان اچڻ وارن پر ھاڻي نہ اچڻ وارن اسلامي ڀائرن کي ٻيھر ماحول سان وابستہ ڪيو؟